آزاد قاضي

# بزمِ صوفياءِ سنڌ


## Abstract

**‘BAZME-E SOFIA-E SINDH’**
**Glimpses of Cultural, Politico-History of Sindh**

*This paper contains one part of Socio-political life of G. M. Syed, who was leading politician cum icon of history of Sindhi Culture and Politics.*

*G. M .Syed desired that Politics in Sindh should flourish and democracy should be implemented in real sense. But the politics in Sindh after formation of Pakistan was polluted due the external interference from migrated and uniformed Aristocracy. Reality was shadowed, values perverted, democratic procedures were replaced by vested interested. Syed was a realist, honest, peace loving and born to speak truth. Thus he has to land in a room behind the bars, with no fault of him, the first term of seven and a half years unlawful imprisonment ended in 1968.*

*G. M. Syed visualized that the tribe of power hungry, power lords, land lords and pseudo-intellectuals were sans love, sans courage and sans-Gheart. The Second Group of bearded clerks were those men, whose head was filled with straws. The Common folk is simple with no education and vision. Thus those were treated as empty-headed animals by those vested interested power lords.*

*Keeping in view, the above conditions G. M. Syed decided to use his talents in collaboration with some of his progressive compatriots and go to people and talking the side of Culture and folk-wisdom, join with masses and tell those, about people, about, truth, brotherhood, love, peace and about Sindhi Culture and the values emanating from that.*

*Thus he has decided to form a Cultural body viz: ‘Bazm-e-Sofia-e-Sindh’, through the masses be given learning and enlightenment. His co-thinkers were: Pir Hisamuddin Rashdi, Muhammad Ibrahim Joyo, Muhammad Usman Deeplae, Prof. Ghulam Mustafa Shah, Rashid Bhatti, Tanweer Abbasi, Yar Muhammad Shah and the Sajadah Nasheen Pirs of all those Shrines where melas (fairs) were regularly arranged and masses were gathered on folk-songs, musical songs and folk songs were arranged and people used to enjoy. Syed Sahib, took one step ahead to arrange, Literary Seminars for giving some knowledge of Culture and learning about the sacrifices given by those persons who has scarified their live for the sake of Truth, Peace and Unity among the masses. Fairs were held at Shrines of ‘Shah Latif’, ‘Sachal Sarmast’ and ‘Shah Inayat’…etc.*

*Thus six conferences were held at various shrines and on the eve of seventh conference, the powerful mastodons open the eyes and the lover of Sindhi Culture and Literature G. M. Syed was arrested again.*

*Thus, the story end and this part of history of Sindhi Culture and Literature, was lying covered in the old pages of history. This need to be studied by all those who have their language, literature and culture so as to learn and






ponder over the past and those conditions are again prevalent in this land of ‘Piyaro Pakistan’.*

**ڪنهن** تحريڪ يا تنظيم جي وجود ۾ اچڻ جو ڪو نه ڪو پس منظر ۽ ڪي نه ڪي سبب ٿين ٿا. اها ساڳي صورتحال ’بزم صوفياءِ سنڌ‘ تنظيم جي وجود ۾ اچڻ سان لاڳو ٿئي ٿي. ون يونٽ وارو دور، جنهن ۾ سنڌ جي وجود کي ختم ڪري، اولهه پاڪستان ۾ ضم ڪيو ويو هو. نتيجي ۾ سنڌ جو ڪنهن به حوالي سان ذڪر ڪرڻ نه رڳو خراب، پر گناهه تصور ڪيو ويندو هو. سنڌ جي ڳالهه ڪندڙ محب وطن ماڻهن کي جيلن ۾ وجهي، نظربند ڪري، سنڌ جي جداگانه وجود واري آواز جا هڙئي رستا بند ڪيا ويا هئا. ايتري قدر جو سياست ته پري رهي، پر سماجي توڙي علمي ادبي حوالي سان به سنڌ جو ذڪر ڪرڻ ممنوع هو. اهڙي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ سائين جي. ايم. سيد جي رفيقِ ڪار ارباب نورمحمد پليجي عارضي ڪنوينر واري حيثيت ۾ سماجي بنيادن تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ 28-مئي 1960ع تي بسنت هال حيدرآباد ۾ جماعت خدام سنڌ (Servants of Sindh Organization) جي سلسلي ۾ سنڌ جي مکيه ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي. مارشل لا جا ابتدائي ڏينهن هئا، سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻيا مکيه اڳواڻ نظربند هئا، اهڙيءَ حالت ۾ اها گڏجاڻي ڪو ڪارگر نتيجو ڏيئي ڪو نه سگهي. ان دور واري سياسي، سماجي ماحول جي عڪاسي، سائين جي ايم سيد هن ريت ڪئي آهي:

> “آزاد ٿيڻ کان اڳ آءٌ هن نتيجي تي پهتو هوس ته سياسي محاذ تي اسان ’ڊرنڪ‘ جي درجي تي پهچي چڪا هئاسون. اسان جي اڪثريت ’سرڪار جي دعاگن‘ جون صفتون اختيار ڪري ويئي هئي. سياسي آزاديءَ، يڪجهتيءَ ۽ قومپرستيءَ جا عارضي طرح سلا سڙي چڪا هئا. عصري حادثن اسان جي سياسي راهه ۾ اهي اٽڪ رڪاوٽون وجهي ڇڏيون هيون، جن جو ٽاڪڻ هن وقت اسان جي طاقت کان مٿي هو. اهڙين حالتن ۾ قومن جي قافلي کي ڪنهن سازگار موسم تائين ترسڻو پوندو آهي. ان وچ ۾ سندن قوتِ عمل کي ڪنهن ٻئي رستي تي مشغول ڪرڻو پوندو آهي.” (1)

سيد صاحب کي ان وقت واري سماجي ۽ سياسي وايو منڊل جي روشنيءَ ۾ ويجهن دوستن، جهڙوڪ: حسن بخش شاهه، خير شاهه ۽ ٻين پاران اها پڻ صلاح ڏني



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويئي ته:

“سنڌي مختلف گروهن ۾ ورهايا پيا آهن. هڪڙا خود مطلب، بزدل ۽ بيغيرت آهن، ٻيا ملا جي آگر سان ٻڌا پيا آهن، جن ڪي مذهب جي نالي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي، ٽيان متين ٻنهي گروهن جي ردِ عمل ۾ مذهب کان بيزار ٿي، دهريت ۽ ڪميونزم ۾ ملڪ جي نجات ڏسن ٿا. اهي ٽيئي گروهه هڪ ٻئي کان ابترو پري ۽ متضاد آهن. جو انهن جو اختلافن کي پاسي تي رکي، ڪن گڏيل مقصدن خاطر هڪ پليٽ فارم تي گڏجي، صلاح مصلحت ڪرڻ ۽ اختلافن جي باوجود باهمي رواداريءَ جو سلوڪ اختيار ڪرڻ مشڪل نظر اچي ٿو.”(2)

هڪ طرف سيد صاحب کي اهڙيون صلاحون ڏيندڙ دوست هئا ته ٻئي طرف هن قسم جون سوچون پڻ هيون، مسٽر غلام رباني آگري 7-فيبروري 1964ع تي هڪ خط ۾ سيد صاحب کي لکيو:

“پير حسام الدين راشدي صاحب جي رٿ آهي ته اهڙي ڪا تنظيم بنائجي، جو سنڌ ۾ ادبي ۽ ثقافتي زندگيءَ جي ڪنهن منظم نموني ۾ چرپر ٿئي، جنهن جو مقصد سنڌ ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ هجي.”(3)

اهڙين دلشڪنيءَ وارين حقيقت پسندانه ڳالهين جي باوجود، سيد صاحب ان مونجهاري واري مايوس ڪندڙ ماحول مان نڪرڻ جو ڏگ ڳولي رهيو هو. سيد صاحب مهاتما گانڌيءَ کان گهڻو متاثر هو. پاڻ جڏهن سياسي معاملن کان پاسيرو ٿي صوفياڻي تحريڪ شروع ڪرڻ جو سوچي رهيو هو، ان وقت مهاتما گانڌيءَ پاران هلايل سياسي جدوجهد دوران حڪومت جي بيپناهه ظلمن سبب قومي ڪارڪنن جي همت ۽ حوصلي ۾ آيل ڪمزوريءَ سبب جدوجهد جو طريقيڪار تبديل ڪري، سماجي سڌارن، اڇوتن جي اصلاح، معاشي ترقي ۽ صحت عامه ڏانهن ڌيان ڏيئي، اصلاحي جدوجهد هلائڻ وارو مثال اڳيان هو. اهڙي ئي انداز ۾ سيد صاحب پڻ سياسي گهٽ ٻوسٽ ۽ ظلم جبر واري ماحول سبب عوامي دلچسپي ۽ قومي ڪارڪنن جي مايوسيءَ واري رجحان کي تبديل ڪرڻ لاءِ سياست بجاءِ ثقافتي جدوجهد وارو نئون طريقيڪار اختيار ڪرڻ پئي چاهيو. ڪيس علامه آءِ. آءِ. قاضي، پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ جهڙن مخلص ڪارڪنن جي صلاح





مصلحت ۾ سهڪار پڻ حاصل هيو. اهڙيءَ ريت بدليل ماحول مان نڪرڻ لاءِ، مختلف دوستن سان، سيد صاحب پاران صلاح مصلحت هلندڙ هئي. ان وقت واري مايوس ڪندڙ صورتحال کي نظر ۾ رکندي سيد صاحب لکي ٿو ته:

“مون خيال ڪيو هو ته حال سياست کان ڪناره ڪش ٿي، قوم کي اتحاد، حب الوطني، قومپرستي، خودشناسي، امن ۽ اصلاح نفسيءَ جي پيغام ڏيڻ لاءِ ڪلچرل پليٽ فارم تان تعليم ۽ تربيت جي اهڙي ڪا مهم شروع ڪجي، جنهن ۾ نه حڪام وقت کي سنڌن رموز مملڪت ۾ دست اندازيءَ جو انديشو پيدا ٿئي، نه مختلف سياسي گروهن ۽ مفاد کي سنڌن حاصلات ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ دخل اندازيءَ جو جهڳڙو محسوس ٿئي. بلڪ سڀ ۾ پرين پسڻ جي نقط نگاهه کان هڪ اهڙو پليٽ فارم تيار ڪجي، جنهن تي مختلف عقيدن، سياسي نظرين، جماعتي گروهن ۽ طبقاتي مفاد جا ماڻهو، رواداريءَ جي بنياد تي، پنهنجا نقط نگاهه ۽ مفاد محفوظ رکندي، ملڪ جي گڏيل مفاد ۽ تحفظ لاءِ هڪ جاءِ تي ملي، صلاح مصلحت، تبادلئہ خيالات ڪري، گڏيل قدم کڻي سگهن.”(4)

اهڙي سوچ ويچار واري ماحول ۾، جڏهن سيد صاحب کي ساڍن ستن سالن جي قيد ۽ بند مان، 1968ع ۾ آزاد ڪيو ويو، ان وقت سيد صاحب کي محسوس ٿيڻ لڳو ته، اهڙي منتشر سياسي ۽ سماجي وايو منڊل ۾ سياسي طريقي سان عوام جي خدمت ٿي ڪانه سگهندي، چاڪاڻ ته:

“سنڌ جي سياسي خودارادي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پئجي ويئون هيون، جي ظاهري طرح، نه آئيني طور تبديل ٿي پئي سگهيون، چاڪاڻ ته اسان اقليت ۾ هئاسين ۽ نه غير آئيني طور دور ڪري سگهياسون ٿي، جو نه اتحاد، نه قومي شعور ۽ نه همت هئيسون. ان ڪري سياسي خلفشارن کان ڪناره ڪش ٿي عوام ۾ اصلاح نفس، قومي شعور، اخلاقي درستي، حب الوطني ۽ ايثار پيدا ڪرڻ لاءِ بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وجهي ڪانفرنسون ڪوٺائي مذڪور بالا مقصدن لاءِ پرچار ڪرڻ شروع ڪيوسون.”(5)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منتشر سياسي ماحول ۽ منجهائيندڙ صورتحال جي مدنظر جدوجهد جو طريقيڪار تبديل ڪرڻ واري ارادي سان جي. ايم. سيد لکيو ته:

“پهريان سنڌ جي خاص خاص صوفين جي درگاهن جون زيارتون ڪري، اها ڳالهه معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي صوفياڻين درگاهن جا متولي جن سنڌ جي تهذيب، اصلاح نفس، خودشناسيءَ ۽ حب الوطنيءَ لاءِ پنهنجي قول ۽ فعل ذريعي خدمت ڪئي هئي، جن جي درگاهن تي اڄا تائين لکين ماڻهو سال بسال ويندڙ آهن، تن مرڪزن جي ذريعي سنڌين کي متي ذڪر ڪيل ڳالهين جو پيغام پهچائي سگهجي ٿو يا نه؟”[6]

سيد صاحب جو اهڙيءَ ريت درگاهن ۽ گادي نشينن ڏانهن رجوع ٿيڻ، جديد دور ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي عجيب پئي لڳو. ويهين صديءَ واري ماده پرستيءَ جي دنيا ۾ سيد صاحب پاران ان نوعيت واريون ڳالهيون ٻين ماڻهن جي جديد ذهن قبول ڪو نه پئي ڪيون ان ڪري سيد صاحب واري ان انداز تي مختلف ماڻهن مختلف نوعيت جا تبصرا پئي ڪيا. جيترا هٿا وات، اوتريون هيون ڳالهيون. اهڙي ماحول جو ذڪر ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

“ڪن منهنجي دوستن منهنجي مذهبي عقيدن ۽ گذشته روايات (مذهب پرستي) کي مدنظر رکي، اُن کي لڪ (Camouflage) منافقي ۽ خوش فهميءَ سان تعبير ڪيو. ڪن منهنجي ان تحريڪ کي گمراهي، رجعت پسندي، شڪسته خيالي ۽ ڪج فهميءَ سان تشبيهه ڏني.”[7]

ان مخالفاڻي پرچار جو ايتري قدر ته اثر ٿيو، جو شيخ اياز ڪامريڊ حيدربخش جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

“مرحوم حيدر بخش جتوئي جڏهن سيد جي افتتاحي خطبي ۾ ٻڌو ته تحريڪ جو نالو ‘بزم صوفياءِ سنڌ’ ٿا رکون، ته مرحوم حيدربخش جتوئي چيو ته ‘هن دؤر ۾ صوفياءِ جي ڪهڙي اهميت آهي؟’ هن ان تي چيو ته، “اهو نالو مناسب آهي، جيستائين اسان جي نصب العين جو پتو پوي، اهو نالو اسان تي نقاب وانگر آهي.”[8]

عام توڙي خاص ماڻهن پاران ايتري قدر ٿيندڙ مخالفاڻي طنز ۽ تبصرن جي





هوندي به، هٺ ۾ ڪنيل ڪم بابت سيد صاحب لکي ٿو:

“مون متي ذڪر ڪيل ڪنهن به عتاب يا طعني جي پرواهه نه ڪري، رٿيل پروگرام کي پورو ڪيو.”[9]

ان عمل تي ٿيندڙ نڪتچيني پنهنجي جاءِ تي، پر سيد صاحب صوفياڻي فڪر جي گهري مطالعي سبب:

“انهن بزرگن کي محبت، حب الوطنيءَ، خودشناسي، امن ۽ قربانيءَ جو پيغام پهچائيندڙ ڄاتو هو(انڪري) انهن جي سلام ڪرڻ ۾ ڪهڙو عيب هو).”[10]

سيد صاحب جي نظر ۾ ماڻهن سان مخاطب ٿيڻ ۽ انهن کي پنهنجو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جو هي هڪ بهترين طريقيڪار هو، جنهن ڪري، پاڻ پنهنجي ان سفر ۽ عوامي رابطي کي دنيا جي مختلف ملڪن جي قومي اڳواڻن جي مزارن تي وڃي حاضري ڀرڻ سان تعبير ڪيو پئي، جنهن کي عيب تصور ڪرڻ بجاءِ قومي فرض تصور ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ سيد صاحب وضاحت ڪندي لکي ٿو:

“مون کي خبر هئي ته آءٌ انهن درگاهن تي فيض حاصل ڪرڻ، ڪرامتون طلبڻ، روحاني رمزن پروڙڻ لاءِ ڪو نه وڃي رهيو هوس ۽ نه پير پرستيءَ، سجاده نشينن جي اقتدار کي وڌائڻ ۽ ماڻهن کي توهمات ۾ ڦاسائڻ جي خيال سان زيارتون ٿي ڪيم، منهنجو مقصد پڌرو هو ۽ اهو مقصد عوام کي بيدار ڪري قومي شعور پيدا ڪرڻ هو.”[11]

اهو ئي سبب هو، جنهن ڪري ان ابتدائي سفر ۾ پاڻ صرف درگاهن تي يا انهن جي سجاده نشينن ڏانهن ڪو نه ويو، پر ان سان گڏوگڏ پاڻ سنڌ جي محب وطن ڪردارن، سما دور جي نامور شهيد دولهه دريا خان ۽ شهيد بلاول ڪان سواءِ، شهيد الله بخش سومري جي مزار تي پڻ حاضري ڀرڻ ويو هو. ان سلسلي ۾ سيد صاحب حال حيات بزرگن سان پڻ ملاقاتون ڪيون. انهن ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي ۽ محمد امين کوسي جو ذڪر ملي ٿو. سيد صاحب لکيو آهي ته قاضي صاحب سان ملاقات دوران :

“سنڌ جي درويشن جي ڏنل پيغام کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ مخلص ڪارڪنن جي گروهه جي تعليم ۽ تربيت لاءِ صلاح پڇيم. پاڻ فرمايائون ته، اهو ته پنهنجو پراڻو پلئن هو. هن وقت آءٌ پوري طرح

تندرست نہ رهڻ ڪري عملي طرح ڪارآمد ٿي نہ ٿو سگهان، ليڪن منهنجون دعائون اوهان سان آهن.“[12]

سيد صاحب مٿي ذڪر ڪيل مقصد جي حاصلات لاءِ ابتدائي طور سنڌ جو دورو ڪري حالات معلوم ڪرڻ ۽ رٿيل ڪم لاءِ ماحول جو جائزو وٺڻ واري مقصد سان اپريل 1966ع جي ابتدا ۾، سنڌ جي مکيہ درگاهن ۽ ڪن ماڳن مڪانن جي دوري جو پروگرام تيار ڪري، پنهنجي رفيق ڪار محمد ابراهيم جويي کي لکيائين:

”اوهان کي معلوم هوندو، مون تان بندش لٿي آهي. صحت جي غيرتسلي بخش، ماحول جي ناسازگاريءَ، عوام جي ناشعوريءَ، خواص جي خودمطلبيءَ ۽ ڪمزوريءَ ڪري سياست ۾ رهڻ نامناسب ڄاڻي سمورو وقت ثقافت جي خدمت لاءِ صرف ڪرڻ جو ارادو ڪيو اٿم. انهيءَ جي سروي ڪرڻ لاءِ قديم ڪلچرل ادارن جو گشت شروع ڪيو اٿم. شاهہ صدر رح، قلندر شهباز، مخدوم بلاول تان ٿي آيو آهيان. هاڻ پٽ شاهہ، هالا، بلڙي شاهہ ڪريم، شاهہ عنايت ۽ درازن جي طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿم.“[13]

سيد صاحب جو اهو مشاهداتي سفر 14-اپريل 1966ع کان شروع ٿيو، جيڪو شاهہ عنايت ۽ شاهہ ڪريم کان، درازا ۽ ڏهرڪيءَ تائين هليو، جنهن ۾ سيد صاحب مختلف درگاهن جي سجاده نشينن ۽ ڪن ٻين دوستن احبابن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو رهيو. ان سفر دوران پاڻ 11-اپريل تي حيدرآباد ۾ عالمن، اديبن ۽ صحافين سان پڻ ڪچهري ڪيائين. ان سلسلي ۾ محمد ابراهيم جويي کي لکيائون:

”11 اپريل 6 بجہ شام جو چند ترقي پسند ۽ غير متعصب اديبن ۽ اخبار نويسن کي ملڻ گهران ٿو. نهايت شڪرگذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان ڪين ان وقت دعوت ڏيئي مون سان يار محمد شاهہ جي جاءِ تي ملڻ جو انتظام ڪرائيندا تہ مهرباني.“[14]

مطلب تہ اهڙي ريت ڪنهن ثقافتي انجمن جوڙڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب سنڌ جي مختلف مڪتبئہ فڪر جي ماڻهن سان، مشورن جي روشنيءَ ۾ ثقافتي انجمن جو هڪ عارضي آئيني خاڪو پڻ جوڙي ورتو، جنهن کي آخري شڪل ڏيڻ کان اڳ اهو خاڪو مختلف شخصيتن ڏانهن مشوري خاطر موڪليو ويو. انهن شخصيتن کي آئيني





خاڪي سان گڏ، سيد صاحب جيڪي تمهيدي ڪلمات لکيا آهن، انهن مان ئي سموري مقصد جو مفهوم ظاهر ٿي وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ محمد ابراهيم جويي کي لکيو ويو:

”سنڌ جون جملي درگاهون زماني قديم کان مرجع عام ۽ خاص پئي رهيون آهن. انهن بزرگن سنڌ جي ڪلچر، اتحاد، امن، اخلاق ۽ اصلاح نفس لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي هئي، بدقسمتيءَ سان ڪجھ وقت کان عام ۽ خاص جو توجهہ اصلي مقصدن کان هٽي، ساليانہ زيارت ۽ تفريح طبعيءَ تائين محدود ٿيندو ويو. جنهن کي مدنظر رکي، حڪومت کي دست اندازي ڪري ڪيترن درگاهن کي وقف هيٺ آڻي، ثقافتي ميڙن ڪوٺائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ليڪن تجربن مان ثابت ٿيو آهي تہ قديم درگاهن جي سجادن جي دخل کي ڪڍي، صرف سرڪاري منتخب ڪيل ڪميٽن مقرر ڪرڻ سبب بہ، حالتون ٺيڪ ٿي نہ سگهيون آهن، مورڳو اصلي مقصد فوت ٿيڻ لڳا آهن. ان ڪري چند اهل فڪر ۽ مخلص اصحاب جي مشوري بعد اهو طئي ٿيو آهي تہ درگاهہ جي سجادن، اديبن، تعليمي ماهرن ۽ ملڪ جي ٻهي خواهن جي مشترڪ مشورن سان جملي درگاهن کي هڪ مرڪزي نظام هيٺ آڻي، انهن کي قديم صحيح مقصدن جي حصول لاءِ مرڪز بنائجي.“[15]

اهڙيءَ ريت سيدصاحب پنهنجي پاران ڪيل ڪوششن جو حوالو ڏيئي، ايندڙ وقت جي پروگرام بابت هن ريت خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

”مون ڪيترن درگاهن جي سجادن سان مشورو ڪيو آهي، جن مان گهڻا انهيءَ تجويز سان متفق آهن. انهيءَ واسطي آءٌ هڪ آئيني مسودو تيارڪري، صاحب جن جي خدمت ۾ ملاحظ لاءِ موڪليان ٿو، اهو ابتدائي مسودو آهي، ان ۾ ڦيرگهير ٿي سگهي ٿي. اوهان کي ان لاءِ موڪليان ٿو تہ ان تي غور بعد مناسب ترميمون يا درستيون ڪري، مون ڏي موڪليندا تہ اهي سنڌ جي مکيہ سجادن ۽ چند اديبن ۽ ٻهي خواهن جي گڏجاڻي سڏائي، دستورالعمل ناهي، انهيءَ مقصد جي اصول لاءِ عملي قدم کڻجي.“[16]

اهڙو مواد محمد عثمان ڏيپلائيءَ ڏانهن پڻ موڪليو ويو هو، جنهن 22-جون 1967ع تي بزم صوفياءِ سنڌ جي سلسلي ۾ سيد صاحب پاران صلاح مصلحت لاءِ لکيل خط جي جواب ۾ ٽي مکيہ مشورا پيش ڪيا:

"1. پندره روزه رسالو ڪڍڻ

2. ان پروگرام کي ابتدا ۾ ٽي ڀهراڙيءَ جي درگاهن تائين پکيڙڻ بجاءِ ضلعي هيڊڪوارٽر يا وڏن شهرن ۾ بزم جا پروگرام ڪرڻ. ان سلسلي ۾ سندس خيال هيو تہ اهو پيغام امن و محبت شهرن تائين گهٽي قدر پهچي وڃي. ان بعد پل ڀهراڙين ڏي بہ پکيڙبو.

3. ورڪرن جي تربيت گاهہ حيدرآباد ۾ کولڻ بجاءِ 'سنڌي ڪاليج' نالي ادارو سن ۾ کولجي، جنهن ۾ وقت بوقت سيد صاحب پاڻ بہ ڪي سمجهاڻيون ڏيندو رهي. ان سلسلي ۾ سرڪار کان بہ مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪجي، (چاڪاڻ تہ ڏيپلائيءَ صاحب جي چوڻ موجب) اوهين هميشہ بزم صوفياءِ سنڌ جي ورڪرن کي اها هدايت ڪندا رهو تا تہ ڪو بہ اهڙو قول، فعل، تحرير ۽ تقرير عمل ۾ نہ آڻيو، جنهن مان ڪنهن بہ ڪاموري سان ٽڪر پيدا ٿئي تہ پوءِ سرڪار جي گرانٽ وٺڻ ۽ ان جي حاصل ٿيڻ ۾ ڪو بہ هرج ڪونهي."(17)

جي. ايم. سيد پاران موڪليل آئين جي ابتدائي خاڪي ۾ محمد ابراهيم جويي ڪجھ بنيادي نوعيت وارين جزوي تبديلين ۽ مشورن سان اهو مسودو واپس ڪيو، تڏهن سيد صاحب ڪيس ايندڙ وقت واري پروگرام کان آگاهي ڏيندي لکيو:

"بزم صوفياءِ (سنڌ) جا بنيادي ميمبر هيٺيان زير غور آهن:
1. سجاده نشين درگاهہ (آئين ۾ ڄاڻايل) 2. سيد غلام مصطفيٰ شاهہ (بشرطيڪ ڪيس ۽ سرڪار کي ان ۾ اعتراض نہ هجي) 3. محمد ابراهيم جويو 4. شيخ اياز 5. سيد عطا حسين موسوي. ٻئي بہ هڪ اڌ ترقي پسند اديب جو انهيءَ ۾ اضافو ڪري سگهبو، آءٌ بزم صوفياءِ سنڌ جي گڏجاڻي مخدوم صاحب (هالا) سان ڪراچي ۾ ملڻ بعد اول خير مهيني جي ٽئين هفتي ۾ مقرر ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو."(18)

سيد صاحب جي اهڙي عملي ڪوشش رنگ لاتو ۽ ان ڪم جي شروعات 23-جون 1966ع تي پهرين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس واري پروگرام سان ٿي. اها پهرين ڪانفرنس سيد عالي شاهہ شيرازي جي عرس ۾ ميلي جي موقعي تي منعقد ڪئي





وئي، جنهن ۾ سنڌ جا مشهور محقق، عالم، اديب، شاعر ۽ فنڪار شريڪ ٿيا، جن مان پيرحسام الدين راشدي، محمد هاشم گذدر، قاضي فيض محمد، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ شمشير الحيدريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪانفرنس جون ٽي ڀيڪون: تقريرن، مشاعري ۽ راڳ رهاڻ تي ٻڌل هيون. محترم جي. ايم. سيد ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو، جڏهن تہ صدارت سيد علي اصغر شاهہ شيرازي ڪئي.

اهي ڪانفرنسون ابتدائي طرح عام ۽ خاص کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ واري مقصد سان سنڌ ثقافت ڪانفرنس طور شروع ڪيو ويون. ان سلسلي جي پهرين ڪانفرنس ۾ سائين جي. ايم. سيد جيڪو خطبو پڙهيو هو، ان ۾ بزم صوفياءِ سنڌ جو ابتدائي خاڪو پيش ڪندي، ان ڳالھ جو اظهار ڪيو ويو تہ:

"هن وقت بهتر طريقو اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، هڪڙو مخلص ڪارڪنن جو ڳڙهہ، سياسي خلفشارن کان پري ٿي، سرونٽس آف انڊيا سوسائٽيءَ جي طريقي تي، خدام سنڌ جي جماعت ٺاهي، زندگي وقف ڪري، قوم جي اتحاد، نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستيءَ، حب الوطني، خودشناسيءَ جي تعليم ۽ تربيت ڏي توجھ ڏئي....اهو ضروري نہ آهي تہ سيئي اهو رستو اختيار ڪن. اگر چند مخلص ڪارڪن ان ڪم کي هٿ ۾ کڻن تہ گهٽو ڪجھ ٿي سگهي ٿو." (19)

مٿي ڄاڻايل مقصدن جي حاصلات لاءِ ان ئي خطبي ۾ سيد صاحب حاضرين مجلس جي مشوري ۽ فڪر لاءِ ڪجھ تجويزون هيٺينءَ ريت پيش ڪيون:

"ڪلچرل مرڪز يا خدام سنڌ نالي سان هڪ گڏيل پليٽ فارم تيار ڪجي، جنهن ۾ مختلف مذهبي عقيدن، اقتصادي ۽ سياسي نظرين، مختلف سياسي گروهہ بندين ۽ طبقاتي مفادن جي ماڻهن کي پنهنجن راين تي قائم رهندي، سنڌ جي ڪلچرل ۽ قومي مفاد لاءِ صلاح مصلحت ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪري، گڏيل مفاد لاءِ قدم کڻجي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڻهن جي مکيه خامين، جهڙوڪ: خود مطلبي، شخصي اختلافن، قوم فروشي، بزدلي، نفسياتي ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪجي.

ماڻهن کي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي محبت، مذهبي ۽ سياسي رواداريءَ، حب الوطنيءَ ۽ قربانيءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ صوفياءِ ڪرام ۽ قومي هيروز جي زندگيءَ جي احوالن کان ڪين واقف ڪجي.

هر هڪ ضلعي ۾ ڪي ڪلچرل مرڪز ناهي، اتان ڪم ڪيو وڃي.

عوام، شاگردن، ماسترن، پروفيسرن ۽ پڙهيل طبقي کي انهيءَ رنگ ۾ رچڻ لاءِ ڪي مخصوص ڪارڪنن جا گروهه ناهي، ڪم انهن جي سپرد ڪيو وڃي."(20)

گڏيل پليٽ فارم جوڙي ڪلچرل بنيادن تي جدوجهد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب، پنهنجي راءِ ٻين مٿان مڙهڻ بجاءِ، ان کي صلاح مصلحت واري حد تائين رکندي، ان ئي خطبي جي آخر ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"هي اُهي خيال آهن، جي منهنجي دماغ ۾ ڦري رهيا آهن، تن کي اهل فڪر ۽ اهل راءِ جي سامهون پيش ڪريان ٿو ته ان تي غور ۽ فڪر ڪري، ڪنهن نوس نتيجي تي پهچن، ڪو به ماڻهو پنهنجي راءِ ٻئي تي مڙهي نه ٿو سگهي، نه ڪو اڪيلو ماڻهو ڳوٺ ٻڌي سگهي ٿو. مون کي ترقي پسند اديبن/ اهل راءِ ۽ مفڪر حضرات ۽ نوجوان طبقي جي صلاحيت بلند هستي ۽ جذبهءِ عمل ۾ گهڻيون اميدون آهن. باوجود مٿين راين ۽ خيالن جي آءٌ سندن ڪثرت راءِ ۽ فيصلي جو خيرمقدم ڪندس." (21)

اُهي هيون ابتدائي ڪوششون، جن اڳتي هلي 'بزم صوفياءِ سنڌ' وارو روپ اختيار ڪيو. بزم صوفياءِ سنڌ جا ابتدائي مرحلا، جن ۾ درگاهن تي ڪانفرنسون ٿيڻ سان گڏوگڏ اجا بزم کي تنظيم واري شڪل وٺائڻ ۽ پاليسين بابت ابتدائي ڪوششون هليون پئي. اهو مهينن جو عرصو هو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف درگاهن تي گڏ ٿيل هزارين ماڻهن سان هن جماعت جا سرگرم ڪارڪن ۽ اڳواڻ مخاطب ٿيندا هئا. ابتدائي





تياريون ڪرڻ کان پوءِ 18-نومبر 1966ع واري سن ۾ ٿيل آئيني، ثقافتي ڪاميٽي واري گڏجاڻيءَ ۾ باضابط جماعتي روپ ڏيڻ لاءِ، هن تحريڪ جي نالي، آئيني پروگرام ۽ طريقيڪار بابت تفصيلي غور ڪيو ويو. تحريڪ جي روح روان سائين جي. ايم. سيد سن ۾ ٿيل آئيني ڪاميٽي واري گڏجاڻيءَ ۾ واضح لفظن ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"گذريل پنجن مهينن ۾ مختلف جاين تي ڪوٺايل ڪانفرنسن اڳيان ڪيل تقريرن ذريعي اسان بزم صوفياءِ سنڌ جي تحريڪ شروع ڪرڻ لاءِ زمين هموار ڪئي آهي، هاڻي تعميري ڪم ڪرڻ لاءِ غور ڪرڻ واسطي هتي گڏ ٿيا آهيون."(22)

بزم صوفياءِ سنڌ جي طريقيڪار جا مکيه اصول هن ريت تجويز ڪيا ويا هئا:

"ملڪي سياست جي خلفشارن ۾ پوڻ کان پري رهڻ گهرجي.

سنڌ جي پيغام کي، راسخ العلم (صحيح ڄاڻو) ۽ مخلص ڪارڪنن ذريعي، بغير ڪنهن نمائش جي عوام تائين پهچائڻ.

مخلص ۽ زندگيون وقف ڪرڻ وارن ڪارڪنن کي تربيت ڏيئي، سنڌ جي گوشي گوشي تائين تحريڪ جو پيغام پهچائڻ.

رسالا، ڪتاب، باهمي تعلقات ۽ ملاقاتون، ڪانفرنسون، مرڪزن تي وقت به وقت گڏ ٿي تبادله خيالات ڪرڻ ۽ تجويزون سوچڻ اسان جي پيغام رسائيءَ جا مکيه ذريعا هئڻ گهرجن.

راڳ، سرود، ڊرامن ۽ راندين کي ترقي ڏياري آله ڪار بڻائبو.

صحيح تعليم رستي، نفس جي اصلاح ڪرڻ اخلاق کي درست ڪرڻ اسان جا مکيه مقصد هوندا. حب الوطني ۽ مارن جي محبت اسان جي ايمان جو جزو رهنديون."(23)

اهي هئا بزم صوفياءِ سنڌ جا بنياد، جن جي روشنيءَ ۾ هن صوفياڻي تحريڪ جي شروعات ڪئي ويئي.

سڄي سنڌ ۾ درگاهون عام جام آهن، ان ڪري بزم صوفياءِ سنڌ واري پروگرام کي وسيع ڪري، عام ڪرڻ واري مقصد سان، سنڌ جي مختلف درگاهن جا تفصيل تيار ڪرايا ويا ته جيئن انهن جي طئي ٿيل، ساليانه مقرر ڏينهن تي بزم پاران ثقافتي ميڙاڪو ڪوٺائي سگهجي. ان سلسلي ۾ 12-ڊسمبر 1966ع تي محمد ابراهيم



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جويي کي سيد صاحب لکيو:

"جن دوستن تي ميلن جي لسٽ تيار ڪرڻ جو ڪم رکيل هو، انهن کي خط لکي تاڪيد ڪرائيندا ته ميلن جون لسٽون هر هڪ ضلعي مان (هن طرح) موڪلين. جريان نمبر، ڳوٺ جو نالو، تعلقي ۽ درگاهه جو نالو، سجاده نشين، تاريخون، اينديڙ ماڻهن جو تعداد، اهو سڀ احوال گهرج ۾ ايندو... سنڌ جي مکيه اديبن، ادبي سنگت، شاعرن جون ائڊريسون به موڪليندا ته لٽريچر موڪلڻ لاءِ ڪم اچن."[24]

ترقي پسند ۽ روشن خيال فردن پاران درگاهن بابت شڪ شبهي ۽ ذهني خلفشارن واري مٿي ذڪر ڪيل صورتحال کان سيد صاحب پليءَ پت واقف هو، پر پاڻ هڪ خاص حڪمت عمليءَ سان، اتي ساليانی عرس جي موقعي تي گڏ ٿيندڙ عوامي ميڙن مان فائدو وٺڻ پئي چاهيائون. ڇاڪاڻ ته سياسي پابندين سبب صرف اهڙن موقعن تي ئي عوامي ميڙ ٿي پئي سگهيا. ان ڪري ڪيترن ماڻهن جي شڪ شبهن جي باوجود سيد صاحب اهو رستو اختيار ڪرڻ بهتر ڄاتو، ڇاڪاڻ ته انهن مقرر ڏينهن تي ڇاٽو ماڻهن جا ميڙ يڪجا ٿي پئي مليا. ان هوندي به سيد صاحب ان درگاهي طبقي وارن جي طبيعت جي مدنظر، سوچي ويچاري وک کڻندو هو. جيئن ان سلسلي ۾ جويي صاحب کي هي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ لکي ٿو:

"پهرين ۽ ٻي آگسٽ لاءِ يارمحمد شاهه سان صلاح ڪري، (ڪانفرنس جا) اشتهار ڇپائي، ساري سنڌ ۾ موڪلڻ گهرجن، مون رٿ ڪئي آهي ته پير صاحب غلام حيدر شاهه بلڙيءَ واري کي پهرين نشست جو صدر ڪجي. آءٌ ان مجلس ۾ شرڪت لاءِ صوفي صاحب جهوڪ، سجاده نشين سچل سرمست، سجاده نشين شاهه لطيف ۽ سجاده نشين سيد عالي نٿ ۽ سجاده قلندر شهباز کي دعوتون موڪليان ٿو.

درگاهن جي ميلن کي ثقافتي مرڪز بنائڻ لاءِ انهن جي تعاون جي ضرورت ٿيندي. اوهين اياز صاحب يا تنوير عباسيءَ کي چوندا ته انهيءَ موقعي تي سچل جي سجاده نشين کي پاڻ سان گهلي اچن، اوهين ساريءَ سنڌ جي ترقي پسند اديبن ۽ قومي ڪارڪنن کي ان صورت لاءِ دعوتون موڪليندا."[25]





اهڙيءَ ريت سيد صاحب بزم صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان، ٻين کي ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهيندو ۽ همٿائيندو رهيو.

ڪٿي ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ سماج جي سڌاري ۽ واڌاري وارو فڪر ۽ ڪٿي درگاهن جا در پيٽڻ! درگاهون، جيڪي آرام، آسائش ۽ تفريح (ڪن حالتن ۾ روزگار) جي ذريعي وارن مقصدن سان استعمال ٿي رهيون هيون. انهن جي حوالي سان ٿيندڙ پروگرام، جن ۾ اڪثريت ترقي پسند ۽ روشن خيال شخصيتن جي هوندي هئي، ان ڪري ائين محسوس ٿئي ٿو ته ان نوعيت واري پهرين ڪانفرنس کان پوءِ درگاهي روايتن کي نظر ۾ رکندي، ڪي دوست ناراض ٿي مُنهن موڙڪرڻ لڳا هئا. ان ڳالهه جو اندازو ٺٽي واري پهرين ڪانفرنس کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ سڏايل گڏجاڻيءَ مان ٿئي ٿو. سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جو ٻيو پروگرام پهرين ۽ ٻي آگسٽ تي حضرت داد شهيد جي ساليانی عرس جي موقعي تي رکيو ويو. ان کان اڳ جون مهيني جي آخري هفتي ۾ صلاح مصلحت لاءِ ڪراچيءَ ۾ اجلاس گهرايو ويو، جنهن ۾ محمد ابراهيم جويو ۽ اتر سنڌ سان واسطو رکندڙ اڪثر عالم ۽ اديب شريڪ ٿي ڪو نه سگهيا، جنهن تي سيد صاحب 28-جون 1966ع تي محمد ابراهيم جويي کي لکيو:

"آءٌ پنهنجا پروگرام سيڙائي گڏجاڻي لاءِ ڪراچي آيس، پر اوهان مان ڪو به ڪو نه آيو! هاڻ 1-2 آگسٽ تي پروگرام رکيو ويو آهي. ائين نه ٿئي ته اوهان جا اتر سنڌ وارا دوست ساڳي روش اختيار ڪن. ان کي آءٌ نه صرف لاغرضائي سمجهندس، پر بي پرواهي ۽ بي جوابداري، ڪم ڪرڻو آهي ته وقت سيڙائي، قرباني ڪري ڪم ڪبو، نه ته ٺلهين ترقي پسندين جي دعوائن جي ڪا به معنيٰ نه ٿيندي."[26]

سائين جي. ايم. سيد ۽ سندس مختلف ساٿين جي ڪوشش سان اٽڪل هر مهيني ڪنهن نه ڪنهن درگاهه تي، اها ثقافتي ڪانفرنس ٿيندي پئي رهي. وقت جي سرڪار کي سنڌ جي عوام ۾ شعور پيدا ڪرائيندڙ اهي ثقافتي سرگرميون پڻ پسند نه پئي آيون، ان ڪري 16-فيبروري 1967ع تي، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه تي رٿيل ستين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جي موقعي تي قلم 144 لاڳو ڪري پروگرام ڪرڻ نه ڏنو ويو.

ثقافتي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ هلندڙ شروعاتي گڏجاڻين ۾ سنڌ جي قومي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سورمن جي زندگي ۽ ڪارنامن کان عوام کي واقف ڪرائڻ واري مقصد سان، ڪجھ چوند سورمن جون سوانح عمريون لکڻ وارو ڪم، هن ريت مختلف ليکڪن جي حوالي ڪيو ويو هو:

1. دودو سومرو- مسٽر ممتاز پٺاڻ- عبدالمجيد ميمڻ
2. نواب دريا خان- مسٽر الانا خواجہ يا ڪي ٻيا صاحب ان ڪم ۾ مدد ڪري سگھن ٿا.
3. مخدوم بلال - پيرحسام الدين شاھ مدد ڏيئي سگھي ٿو.
4. مير شير محمد خان ٽالپر- ڪنهن مير يا ٻئي پڙهيل ماڻهوءَ کان مدد وٺجي.
5. مولوي عبدالله صاحب سنڌي- مولوي غلام مصطفيٰ قاسميءَ تي ڪم رکجي.
6. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي. 7.سيٺ هرچندراءِ وشنداس 8. مسٽر جمشيد نسروانجي مهتا. 9. شهيد الله بخش سومرو. 10. شيخ عبدالمجيد سنڌي.

روايتي سستي ۽ لاپرواهيءَ سبب مٿي ذڪر ڪيل ڪم جي باري ۾، ڪا خاص اڳڀرائي نہ ٿي سگھي، ان ڪري 28-جون 1966ع تي سيد صاحب وڏي ارمان سان محمد ابراهيم جويي صاحب کي لکيو تہ:

> “سنڌ جي ڏهن قومي هيروز ۾ مون هيٺيان داخل ڪرڻ گهريا آهن، وڌيڪ اضافي يا گهٽتائيءَ لاءِ مشورو ڏئي سگهو ٿا.
> اوهان جا اديب ايترو مشغول آهن ۽ ڳالهيون وڏيون ۽ عمل ٿورو! ڪم جي سرانجاميءَ جي منجهن اميد نہ آهي، ۽ انڪري مون اهو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. ان لاءِ ڀهرين پنجن بزرگن جي زندگيءَ جي احوال هٿ ڪرڻ لاءِ منهنجي مدد ڪندا.”[27]

سندن اهو ميل جول ۽ عوام کي شعور ڏيئي منظم ڪرڻ وارو عمل هاڻ سرڪار کي ڪُڪَڻ لڳو هو. ان سلسلي ۾ مٿي ذڪر ٿي آيو آهي تہ سرڪار ابتدائي طور تي درگاھ شاھ ڪريم بلڙيءَ تي ٿيندڙ ثقافتي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ وقت، قلم 144 لاڳو ڪري، اهو پروگرام ڪرڻ نہ ڏنو هو. ان جو توڙ اهو ڪڍيو ويو، جو اهو پروگرام ٻن مهينن کان پوءِ نانگن جي ميلي تي نبي سر 8-مئي 1967ع تي منعقد ڪيو ويو.





اهڙيءَ ريت سيد ۽ سندس ساٿين، سنڌ ۾ سجاڳي آڻڻ وارين انهن ثقافتي پروگرامن کي جاري رکيو.

بزم صوفياءِ سنڌ، جڏهن بحيثيت تنظيم جي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ ان جو مقصد رڳو درگاهن تي جلسا ڪرڻ تائين محدود نہ رهيو، پر عوام ۾ بيداري آڻڻ ۽ ان مان خرابين کي دور ڪرڻ واري مقصد سان ڪجھ ٻيا پروگرام پڻ شروع ڪيا ويا، جنهن جو مثال 19-اپريل 1967ع واري بزم صوفياءِ سنڌ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ واري گڏجاڻي ۾ منظور ڪيل فيصلن مان ملي ٿو. فيصلو ڪيو ويو تہ:

> “سنڌ جي صوفياءِ ڪرام جي درگاهن کي بزم صوفياءِ سنڌ جي نالي سان عوام جي نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستي، پيغام محبت، سنڌي ڪلچر جي ترقي، درگاهن ۽ سجاده جي حقوق جي حفاظت لاءِ منظم ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ هيٺين ائڊهاڪ ڪاميٽي، وڌيڪ سجادن ۽ اديبن جي اجازت سان نالا وڌائڻ جي اختيار سان، برپا ڪجي ٿي.”[28]

ان ورڪنگ ڪميٽيءَ جو پير سيد غلام حيدر شاھ، سجاده نشين درگاھ شاھ ڪريم بلڙي واري کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ باقي ٻارهن ميمبرن مان 5 مختلف درگاهن، جهڙوڪ: درگاھ شاھ لطيف (ڀٽ شاھ)، درگاھ شاھ عنايت (جهوڪ)، درگاھ سيد عالي شيرازي (ٺٽو) درگاھ سچل سرمست (درازا) درگاھ شاھ حيدر ‘سن’ جا سجاده نشين ۽ باقي ڇھ هيٺيان سنڌ جا اديب مقرر ڪيا ويا:

1.پير حسام الدين راشدي. (ڪراچي) 2. محمد ابراهيم جويو(حيدرآباد)
3. شيخ مبارڪ اياز (سکر). 4. غلام مصطفيٰ قاسمي (حيدرآباد)
5. قاضي فيض محمد (نوابشاھ). 6.رسول بخش پليجو (حيدرآباد).

ان گڏجاڻيءَ ۾ ٽي هيٺ ذڪر ڪيل ٽن اهم بنيادي مقصدن جي حاصلات لاءِ ابتدائي ڪوشش جي شروعات ڪئي ويئي، جيڪي قومي شعور پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهيا پئي. اهي نڪتا هي هئا:

* قومي سورمن جي سوانح لکائڻ
* قومي بيداري پيدا ڪرائيندڙ گيت لکائڻ
* عوام ۾ عام ڪرڻ لاءِ انهن گيتن کي ڳارائڻ جو انتظام ڪرڻ

ان لاءِ مکيہ ٻارهن نالا طئي ڪيا ويا، جن جي سوانح جو ڪم هيٺ ذڪر ڪيل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مختلف اديبن جي ذمي ڪيو ويو:

1. دودو اعظم: لکندو محرم خان، ذميوار محمد ابراهيم جويو
2. دريا خان: لکندو غلام رباني آگرو، ذميوار محمد ابراهيم جويو
3. مخدوم بلاول: لکندو جناب جي ايم سيد
4. شهيد شاهه عنايت: لکندو شيخ اياز، جنهن جي مدد ڪندا غلام رباني آگرو ۽ جي ايم سيد.
5. شير سنڌ مير شير محمد خان: لکندو مولانا غلام محمد گرامي.
6. هوشو: لکندو مولانا غلام محمد گرامي.
7. ديوان هرچند راءِ: لکندو محمد ابراهيم جويو.
8. غلام محمد خان ڀرڳڙي: لکندو محمد ابراهيم جويو.
9. شهيدالله بخش سومرو: لکندو جي. ايم. سيد.
10. هيمون ڪالاڻي: لکندو غلام رباني آگرو.
11. مائي بختاور شهيد: لکندو غلام محمد لغاري.
12. جمشيد نسروانجي: لکندو شيخ اياز صاحب.

اهڙيءَ ريت ٻيو نهراءُ منظور ڪيو ويو ته، شاعرن ۽ اديبن صاحبن جي ڪا هڪ اهڙي ڪميٽي مقرر ڪجي، جا قومي شاعري هٿ ڪري، چونڊي ڇاڻي، ڇهن مهينن اندر، قومي شاعريءَ جو مجموعو بزم جي صدر دفتر ۾ پيش ڪري. يڪراءِ بحال ٿيو ته هيٺين صاحبن کي انهيءَ ڪميٽيءَ تي رکيو وڃي ٿو ۽ مٿين مقصدن جي تڪميل لاءِ کين عرض ڪجي ٿو:

1. جناب شيخ اياز 2. جناب تنوير عباسي 3. جناب مير يار محمد پنهور
4. جناب رشيد ڀٽي 5. جناب محمد ابراهيم جويو .

ان سلسلي جو ٽيون نهراءُ ٿيو ته، قومي راڳ لاءِ گيت، ڪافيون، شعر گڏ ڪري، سٺن ڳائيندڙن کان رڪارڊ ڪرائي، سنڌ ۾ پکيڙجن، جيئن قومي جذبو پيدا ٿئي ۽ وڌي.

ان ڪم لاءِ به هيٺين اديبن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي وئي.

1.محمد ابراهيم جويو. 2. جي ايم سيد
3. مولانا غلام محمد گرامي 4. شيخ عبدالستار





اهو هو سنڌ ۾ سجاڳيءَ واري لهر پيدا ڪرائيندڙ ثقافتي تحريڪ 'بزم صوفياءِ سنڌ' جو اوائلي خاڪو، جنهن جي صلاح مصلحت لاءِ، سيد صاحب مختلف درگاهن جي سجاده نشينن سان گڏوگڏ سنڌ جي ناليرن عالمن ۽ اديبن کي پڻ صلاح مصلحت لاءِ خط موڪليا. اهڙي ئي هڪ خط جي جواب ۾ شيخ اياز سائين کي لکيو:

"اسان انهيءَ تحريڪ کي سنڌ جي مقصد لاءِ ڪيتري قدر ڪامياب بڻائي سگهنداسين ۽ ان لاءِ تفصيلي ضرورتون ڪهڙيون آهن، ان جو فيصلو، اوهان پنهنجي تجربي جي روشنيءَ ۾، اسان کان بهتر ڪري ٿا سگهو، ڇو ته انهيءَ طبقي کي اوهان اسان کان وڌيڪ سڃاڻو." (خطن جو فائيل، جي. ايم. سيد سن لئبريري)

درگاهن جي سجاده نشينن واري حوالي سان شيخ اياز پاران اهڙي قسم جا خدشا ظاهر ڪرڻ ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ فطري عمل هو، پر پوءِ به، هو سيد جي حڪمت ۽ تدبر سان سهمت ٿيندي ڪيس لکي ٿو:

"مون پوري ادبي حلقي ۾ اوهان جي تجزئي ۽ پيغام تي تبادلهٔ خيالات ڪيو آهي. اڃا تائين ته ڪنهن به دوست انهيءَ جي ترديد نه ڪئي آهي ته موجوده حالات ۾ اهو پيغام ئي سنڌ جي نجات جو واحد ذريعو آهي. اڄ ڀلي ان کي سنڌ ۾ اڪثريت پنهنجو نه ڪري، پر سڄ سياڻي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ."

(خطن جو فائيل، جي. ايم. سيد سن لئبريري)

جيتوڻيڪ هن تحريڪ بابت ڪجهه ترقي پسند دوستن کي خدشا هئا، پر پوءِ انهن سيد صاحب تي ڀروسو ڪندي ان تحريڪ ۾ حصو ورتو.

بزم صوفياءِ سنڌ جو اهو سفر مشڪل سان هڪ سال هليو، جنهن دوران ڏهن درگاهن تي سيد صاحب ۽ سندس ساٿين فلاحي ۽ اصلاحي قسم جون تقريرون ڪيون ۽ قومي گيت ڳايا. مجموعي طور سيد صاحب انهن ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ سياسي خلفشار کان پاسيرو ٿي، انساني سماج جي بنيادي مسئلن، ان جي ارتقا، جوڙجڪ، قومن جي وجود، فنا ۽ بقا، آزاديءَ ۽ غلاميءَ جهڙن بنيادي فلسفياڻن معاملن بابت خطن جو سلسلو شروع ڪيو هو. انهن پروگرامن سان عوام کي بنيادي طرح شعور مليو ٿي، قوم ۾ سجاڳي پئي آئي ۽ سيد صاحب اديبن، شاگردن ۽ سماجي ڪارڪنن کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بيدار ٿي اڳتي وڌڻ ۾ ڪجھ ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪري پئي ڏني. ان تحريڪ جي نتيجي ۾ سنڌ جو نوجوان بيدار ٿيڻ لڳو هو، جنهن 4-مارچ 1967ع وارو شاندار واقعو ڪري، سڄي ملڪ جي وايومنڊل کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ جي جمهوري عمل لاءِ راهه هموار ٿي ويئي. ان واقعي کي بنياد بڻائي سيد صاحب کي گرفتار ڪيو ويو، جنهن ڪري تحريڪ جون سرگرميون ختم ٿي ويون.

## حوالا


1. سيد، جي ايم، 'جنب گذاريم جن سين'، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 1967ع، ص:414.
2. ساڳيو، ص: 427.
3. ساڳيو، ص: 456.
4. ساڳيو، ص: 416.
5. سيد، جي ايم، 'خطبات سيد'، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1975ع، ص: 11.
6. سيد، جي ايم، 'جنب گذاريم جن سين'، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو1967ع، ص:417.
7. ساڳيو، ص: 417.
8. اياز، شيخ، 'ڪٿي نہ پيجبو ٽڪ مسافر'، حصو چوٿون، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 1998ع، ص:93.
9. سيد، جي ايم، 'جنب گذاريم جن سين'، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 1967ع، ص:417.
10. ساڳيو، ص: 418.
11. سيد، جي ايم، 'خطبات سيد'، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1975ع، ص: 48.
12. سيد، جي ايم، 'ساهڙ جا سينگار'، سيد امداد محمد شاهه سن، 1969ع، ص:147.
13. قاضي، آزاد، 'سڏپڙاڏو'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 2004ع، ص: 48.
14. ساڳيو، ص: 49.
15. ساڳيو، ص: 50.
16. ساڳيو، ص: 50.
17. سيد، جي ايم، 'اچ پڙ چڪيم چاڪ'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1977ع،







ص:437.

18. قاضي، آزاد، 'سڏپڙاڏو'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 2004ع، ص: 52.
19. سيد، جي ايم، 'خطبات سيد'، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1975ع، ص: 12.
20. ساڳيو، ص: 12.
21. ساڳيو، ص: 13.
22. ساڳيو، ص: 107.
23. ساڳيو، ص: 117.
24. قاضي، آزاد، 'سڏپڙاڏو'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 2004ع، ص: 59.
25. ساڳيو، ص: 55.
26. ساڳيو، ص: 54.
27. ساڳيو، ص: 55.
28. ساڳيو، ص: 66.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair